# سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريه 1978
# SINDH ORDINANCE NO. XVII OF 1978
# سنڌ شهري غير منقوله جائداد (ترميم) حڪم نامه 1978
# THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title, Extent and Commencement

2. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X ۾ دفعه 7_A جو واڌارو.

Insertion of section 7_A in West Pakistan Act X of 1958

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريه 1978
# SINDH ORDINANCE NO. XVII OF 1978
# سنڌ شهري غير منقوله جائداد (ترميم) حڪم نامه 1978
# THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

[14 ڊسمبر 1978]

سنڌ شهري غير منقوله جائداد ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم آڻڻ جو ايڪٽ.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته اها تقاضا آهي ته سنڌ شهري غير منقوله جائداد ٽيڪس ايڪٽ، 1958 کي هيٺين نموني بدلايو وڃي.

هاڻي ان ڪري 15 جولائي 1977 واري اعلان، جنهن کي قانون [لاڳو رهڻ ۾ تسلسل] واري حڪم مجريه سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي پوئواري ڪندي، سنڌ جو گورنر هن آرڊيننس کي جوڙي ۽ لاڳو ڪري ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title, Extent and Commencement

1. (1) هن حڪم نامي کي سنڌ شهري غير منقوله جائداد (ترميم) حڪم نامه 1978چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X ۾ دفعه A_7 جو واڌارو.
Insertion of section 7_A in West Pakistan Act X of 1958

2. ”A_7 جيڪڏهن هن ايڪٽ جي مضمون ۾ تناظر جي خلاف نه آهي ته پوءِ ملڪيتن جي ملهه ڪٿڻ واريون لسٽون، صنعتي ملڪيتن کانسواءِ جيڪي 30 جون 1978 تائين جڙيل هيون، اهي انهيءَ تاريخ کان لاڳو رهنديون ۽ انهن جي بنياد تي ٽيڪس مڙهيو ويندو، تان جو هن ايڪٽ جي دفعه 7 مطابق نئون لسٽون جوڙيون وڃن يا 31 ڊسمبر 1997 تائين هلايون وڃن، بنهي تاريخن مان جيڪا به اڳي هجي.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**